قرآني بيان

# اهلِ بيت جي محبت جي فضيلت

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

19، جون، 2026ع
(متوقع اسلامي تاريخ، 3 محرم شريف، 1448ھ)
جمعة المبارڪ جو



مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

19، جون، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ، 3 محرم شريف، 1448ھ) جمعة المبارڪ

جو

قرآني بيان

بنام

# اهلِ بيت جي محبت جي فضيلت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... نسبتِ سرڪار جون برڪتون
- ✿... سيد سڳورن سان محبت جي فضيلت
- ✿.. سرڪار جو قرب ماڻڻ وارو خوش نصيب
- ✿... اهلِ بيت سان محبت جا مختلف اندازَ

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم:

لَا تُصَلُّوْا عَلَيَّ الصَّلَاةَ الْبَتْرَاءَ فَقَالُوْا: وَمَا الصَّلَاةُ الْبَتْرَاءُ؟ قَالَ: تَقُوْلُوْنَ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّتُمْسِكُوْنَ بَلْ قُوْلُوْا: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ۔

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي اڌورو درود نه پڙهندا ڪريو! صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يَا رسولَ الله صَلَّي اللّٰهُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اڌورو درود ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: اهو ته توهان اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ تائين پڙهي رڪجي وڃو! ان جي بدران هيئن چوندا ڪريو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آلِ پاڪ تي درود پڙهڻ تمام وڏي سعادت جي ڳالهه آهي. علماءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم

[1]…صواعق المحرقة، الباب الحادى عشر فى فضائل اہل البیت النبوی، الفصل الاول، صفحہ:183۔

فرمائن ٿا: آل ۽ اصحاب تي درود موڪلڻ بارگاهِ رسالت ۾ قبوليت جو وسيلو آهي، ۽ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صلّي الله عليهِ وآلهٖ وسلّم جي حضور درود و سلام پيش ڪرڻ، بارگاهِ الٰهيءَ ۾ قبوليت جو وسيلو آهي.[1]

يا نبی (صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم) تم پہ بار بار سلام | بے عدد اور بے شمار سلام
عزّتِ اہلِ بیت پر صلوات | ہدیۂ روحِ چار یار سلام (2)

هتي هڪ مسئلو سمجهي وٺندا! ملائڪن ۽ نبين کان سواءِ ڪنهن تي به مستقل طور تي درود پڙهڻ جائز ناهي، [3] اهلِ بيتِ اِطهار، صحابہءِ ڪرام، اولياءِ ڪرام وغيره تي درود موڪلڻو هجي ته ان جو طريقو هي آهي ته پهريان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪليو، پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طفيل ۾ چاهي اهلِ بيت، صحابہ ۽ اولياءَ وغيره سيني جو ذڪر ڪري وٺو. مثال طور ائين پڙهو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَاَوْلِيَاءِ مِلَّتِهٖ اَجْمَعِيْن۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

قُلْ لَّاۤ اَسْــٴَـلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبٰى ؕ

وَمَنْ يَّقْتَرِفْ حَسَنَةً نَّزِدْ لَهٗ فِيْهَا حُسْنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ ﴿۲۳﴾

---

[1]...النبراس، صفحہ:11۔
[2]...کافی کی نعت، صفحہ:43 ملتقطًا۔
[3]...فتاویٰ رضویہ، جلد:9، صفحہ:518۔

صَدَقَ اللّٰہُ الۡعَظِيۡم وَصَدَقَ رَسُوۡلُهُ النَّبِيُّ الۡكَرِيۡم صلّی اللہ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

ترجموڪنزُ العرفان: اوهان فرمايو: مان ان تي توهان کان ڪو معاوضو نٿو گهران سواءِ قرابت جي محبت جي، ۽ جيڪو نيڪ ڪم ڪري اسان ان جي لاءِ ان ۾ ويتر خوبي وڌائينداسين.، بيشڪ الله بخشڻ وارو، قدر فرمائڻ وارو آهي. (سيپارو: 25، الشوريٰ: 23)

## ماه محرم الحرام جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! محرم شريف جيڪو اسلامي سال جو پهريون مهينو آهي، الحمدلله! شروع ٿي چڪو آهي. هن مقدس مهيني کي شَهرُالله (يعني الله پاڪ جو مهينو) پڻ چيو ويندو آهي ۽ هي نالو حديث پاڪ ۾ آيو آهي، مسند امام احمد ۾ آهي ته هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يَارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! رمضان کان سواءِ مان ڪهڙي مهيني ۾ روزا رکان؟ فرمايائون: جيڪڏهن رمضان (جي فرض روزن کان سواءِ) نفل روزا رکڻ چاهيو ٿا ته محرم الحرام ۾ رکو، ڇو ته هي الله پاڪ جو مهينو آهي.[1]

حضرت اَبُو عثمان نَهدِي رَحمةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عنهم ٽن ڏهاڪن جي تمام گهڻي تعظيم ڪندا هئا: **(1):** ماهِ رمضان جو آخري ڏهاڪو (يعني 10 ڏينهن) **(2-3):** ذُوالحج ۽ محرم شريف جو پهريون عشرو (يعني شروعاتي 10 ڏينهن).[2]

---

1…مسند امام احمد، مسند العشرة المبشرين بالجنة، مسند على بن ابى طالب، جلد:1، صفحہ:427، حديث:1335۔

2…لطائف المعارف، وظائف شہر اللہ الحرام، المجلس الاول، الفصل الاول، صفحہ:48۔

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ٻه گهرجي تہ اسان هنن 30 ڏينهن (يعني رمضان ڪريم جا آخري 10 ڏينهن، ذُوالحج ۽ محرم شريف جا شروعاتي 10،10 ڏينهن) جو ◈تمام گهڻو احترام ڪريون ◈ انهن ۾ نيڪ ڪم ڪريون ◈ عِلمِ دين حاصل ڪريون ◈ خاص طور (*Necessarily*) انهن ۾ گناهن کان بچون ◈ نفلي روزا رکون ◈ نفلي عبادتون بہ ڪريون. اَلحمدُ لله! شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَکَاتُهمُ العاليه محرم شريف جي شروعاتي 10 ڏينهن ۾ روزانو رات جو مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن (يعني سوال جواب جو سلسلو ڪندا آهن). هي مدني مذاڪرو مدني چينل تي براهِ راست (*Live*) ڏيکاريو ويندو آهي، توهان بہ ان ۾ شرڪت ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِیْم! عِلمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو، سٺي نيت هوندي تہ رات جي عبادت جو ثواب بہ ملندو ۽ دين ۽ دنيا جون ڀلايون بہ نصيب ٿينديون.

## آيتِ ڪريمہ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان شروع ۾ جيڪا آيت ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اها سيپارو: 25، سورت الشوريٰ جي آيت نمبر: 23 آهي. حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: جڏهن نبي رحمت، شفيقِ امت صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت ڪري مديني منوره تشريف ڪٺي آيا تہ انصار صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم ڏٺو تہ پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ ظاهري مال و اسباب ڪجهہ بہ ناهي.

جيتوڻيڪ اهو پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اختياري فقر هو، پاڻ چاهين ها تہ جبل سون جا ٿي ساڻن هلن ها، پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا کي پسند نہ فرمائيندا هئا. ڪنهن عاشق ڇا تہ خوب چيو آهي:

مالِکِ کونین ہیں گو پاس کچھ رکھتے نہیں
دوجہاں کی نعمتیں ہیں، ان کے خالی ہاتھ میں [1]

مطلب تہ اهو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اختياري فقر هو پر انصار صحابہٴ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهم جن جڏهن اهو انداز مبارڪ ڏٺو تہ سندن دل چاهيو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ڪو مالي تحفو (Gift) پيش ڪيو وڃي، جيئن تہ انهن پاڻ ۾ گڏجي تمام گهڻو مال گڏ ڪيو ۽ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائون: يَا رسولَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ◈ توهان ئي آهيو جن جي ڪري اسان کي هدايت نصيب ٿي ◈ توهان جي ئي ذريعي اسان گمراهي مان نجات ماڻي آهي ◈ يَا رسولَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي اسان خادمن پاران هڪ معمولي نذرانو آهي، قبول فرمايو! ان موقعي تي هيءَ آيتِ ڪريمہ نازل ٿي، [2] اللّٰه پاڪ فرمايو:

قُلْ

ترجموڪنزُالعرفان: اوهان فرمايو: (سيپارو: 25، الشوريٰ: 23)

ڇا فرمائڻو آهي؟

---

[1]…حدائقِ بخشش، صفحہ:103۔

[2]…معجم ڪبير، جلد:6، صفحہ:32، حديث:12115 خلاصةً۔

لَّاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَیْهِ اَجْرًا

ترجموڪنزُالعرفان: مان ان تي توهان کان ڪو معاوضو نٿو گهران.
(سيپارو: 25، الشوريٰ: 23)

يعني اي منهنجا صحابہ! ◈ مون توهان کي ڪلمو پڙهايو ◈ توهان کي جهالت جي اونداهيءَ مان ڪڍي اسلام جو نور عطا ڪيو ◈ توهان کي گمراهيءَ جي کڏ مان ڪڍي هدايتن جو چراغ ٻٽائي ڇڏيو ◈ هاڻي بہ ڏينهن رات توهان کي دين سيکاريان ٿو ◈ توهان جي بهتري، ترقي ۽ دنيا و آخرت جي ڪاميابي لاءِ مصروف رهان ٿو. اي منهنجا صحابہ! هن سيني ڪمن تي مان توهان کان ڪو بدلو نٿو گهران. ◈ نہ مون کي مال جي حاجت آهي (جو مان پاڻ نعمتون ورهائيندڙ آهيان، جنهن کي جيڪو ملي ٿو اسان جي ئي در جو صدقو ملي ٿو)، ◈ نہ ئي مون کي بُلند محلاتن ۽ دنيا جي عيش و آرام جي خواهش آهي (جو مان رب جو محبوب آهيان، جنت جو مالڪ آهيان، مون کي هن دنيا سان ڪهڙو مطلب!).

اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِی الْقُرْبٰىؕ

ترجموڪنزُالعرفان: سواءِ قرابت جي محبت جي. (سيپارو: 25، الشوريٰ: 23)

يعني مان توهان کان اجرت ڪجهہ بہ نٿو گهران، ها! هڪ ڳالهہ آهي جيڪا (تبليغ ۽ هدايت جي اجرت تہ ناهي پر توهان تي لازم ضرور آهي، اها هيءَ تہ) منهنجي قرابت دارن سان محبت رکو! [1]

[1]...تفسير بيضاوی مع حاشيہ شيخ زاده، پاره:25، سورۂ شورٰی، زیرِ آیت:23، جلد:7، صفحہ:420 و421 خلاصۃً۔

وَمَنْ يَّقْتَرِفْ حَسَنَةً نَّزِدْ لَهٗ فِيْهَا حُسْنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ ﴿۲۳﴾

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ جيڪو نيڪ ڪم ڪري اسان ان جي لاءِ ان ۾ ويتر خوبي وڌائينداسين، بيشڪ الله بخشڻ وارو، قدر فرمائڻ وارو آهي. (سيپارو: 25، الشوريٰ: 23)

آيتِ ڪريمہ جي هن حصي جي هڪ تفسير، عالم سڳورن هيءَ فرمائي آهي تہ جيڪو ٻانهو نيڪي ڪري، ڪهڙي نيڪي؟ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قرابت دارن سان محبت جي نيڪي...! يعني جيڪو اهلِ بيت سان محبت ڪندو، الله پاڪ ڪيس وڌيڪ نيڪين جي توفيق نصيب فرمائيندو. بيشڪ الله پاڪ بخشڻھار ۽ قدر فرمائيندڙ آهي. [1]

| | |
|---|---|
| قلب میں عشقِ آل رکھا ہے | خوب اِس کو سنبھال رکھا ہے |
| شکریہ تم نے آل کا صدقہ | میری جھولی میں ڈال رکھا ہے |
| کیوں جہنَّم میں جاؤں سینے میں | عشقِ اَصحاب و آل رکھا ہے(2) |

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيت ۾ ◈ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قرابت دارن ◈ سندن اهلِ بيتِ پاڪ ◈ سندن آل اولاد ◈ ۽ سندن ازواجِ مطهرات يعني اسان مسلمانن جي پاڪ مائرن سان محبت ۽ عقيدت رکڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. هن آيت مان اسان لاءِ سکڻ جون ہہ شيون آهن:

---

[1]...تفسير بيضاوی مع حاشيہ شيخ زاده، پاره:25، سورۂ شوریٰ، زيرِ آيت:23، جلد:7، صفحہ:422 مفصلًا۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:443و 444 ملتقطًا۔

## (1) حضور جي نسبت بي مثال نعمت آهي

پهرين ڳالهه تہ اها سکڻ لاءِ ملي ٿي تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نسبت تمام ڪمال دولت آهي. ڏسو! پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قرابت دارن جي محبت کي ايمان جي فرضن ۾ شامل ڪيو ويو، ان جي حڪمت ڪهڙي آهي، ۽ ان جو سبب ڪهڙو آهي؟ صرف اهو تہ ڪين رسولن جي سردار، نبين جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت ۽ تعلق حاصل آهي.

## نسبتِ سرڪار جون برڪتون:

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پڦي جان آهي: حضرت صفيہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْها، هڪ دفعو ڪين ڪنهن چئي ڏنو: اي صفيہ! اللّٰہ جي بارگاهہ ۾ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مائٽي توهان کي فائدو نہ ڏيندي. هي ٻڌي حضرت صفيہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي تمام گهڻو ڏک ٿيو. جڏهن شافعِ امم، شاهہ عرب و عجم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هن ڳالهہ جي خبر پئي تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جلال ۾ اچي ويا ۽ حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کي فرمايائون: اي بلال! ماڻهن کي گڏ ڪيو...! پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم منبر تي ويهي، اللّٰہ جي حمد و ثنا بيان ڪيائون ۽ فرمايائون: انهن ماڻهن جو ڪهڙو حال آهي جيڪي گمان ڪن ٿا تہ منهنجي قرابت (مائٽي) فائدو نہ ڏيندي؟ قيامت جي ڏينهن هر سبب ۽ نسب (مائٽي ۽ ساهراڻو رشتو) ٽٽي ويندو پر منهنجو سبب ۽ نسب دنيا ۽ آخرت ۾ ڳنڍيل آهي.[1]

---

[1]...مجمع الزوائد، كتاب علامات النبوة، باب في كرامة ...الخ، جلد:8، صفحہ:282، حديث:13827 خلاصةً۔

علامہ سيد اِبن عابدين شامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: تقريباً انهن ئي لفظن جي حديث ڪيترن ئي سَندن سان مروي آهي ۽ ان کان سواءِ بہ ڪيتريون ئي حديثون آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو تہ رسولِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو نسبِ پاڪ سندن اولاد کي ضرور نفعو پهچائيندو، (اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!) اهي دنيا مان سني حال ۾ رخصت ٿيندا ۽ آخرت ۾ نجات ماڻيندا. بيشڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو اولادِ اطهار دنيا ۽ آخرت ۾ وڏو سعادت مند آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! هي شان آهي نسبتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو...!! قيامت جو اهو هولناڪ ڏينهن جڏهن سڀ رشتا، ناطا ٽٽي ويندا، ماءُ پنهنجي سڪيلڌي پٽ کي ڇڏي رهي هوندي، پيءُ پٽ کان هٿ ڇڏائي رهيو هوندو، ڪو بہ نہ پڇندو تہ ڪير ڪنهن جو پٽ ۽ ڪنهن جو پياءُ آهي، پر قربان وڃو! اهلِ بيتِ پاڪ جي شان تان، تہ سندن پاڪيزه نسب اها مبارڪ ۽ مضبوط رسي آهي جيڪا ڪڏهن بہ نہ ٽٽندي. ◈ هي نسب دنيا ۾ بہ قائم آهي ◈ قبر ۾ بہ قائم هوندو ◈ حشر ۾ ◈ ميزان تي ◈ ۽ پل صراط تي هر هنڌ ڪم ايندو.

## نسبتِ مصطفيٰ جو فيضان

پيارا اسلامي ڀائرو! هي صرف نسبتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ئي فيضان آهي، جو ساداتِ ڪرام يعني پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قيامت تائين ايندڙ اولادِ پاڪ...!! کين اهي شرف حاصل آهن جو اسان (جيڪي

[1] ...رسائل ابن عابدين، الرسالۃ الاولی، العلم الظاهر فی نفع النسب الطاهر، جلد:1، صفحہ:27 خلاصةً۔

سيد ناهيون) چاهي هزارين سال الله پاڪ جي بي ريا عبادت ڪريون، سڄي زندگي سجدن ۾ گذاريون، پر اسان کي اهو شرف نصيب نٿو ٿي سگهي، جيڪو سيّد سڳورن کي حاصل آهي ڇو...؟ ان ڪري جو سيد سڳورا پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسمِ پاڪ جو حصو آهن، انهن جي رڳن ۾ رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رت ڊوڙي رهيو آهي، اسان غير سيدن کي اهو شرف نصيب ناهي.

## سيد سڳورن جون ڪجھ خصوصيتون

◈ مثال طور سيد سڳورا (الله معاف فرمائي) جيتوڻيڪ بي نمازي ئي ڇو نہ هجن، انهن کي زڪوات ڏيڻ حرام آهي، ڇو، ان ڪري جو زڪوات مال جي مير آهي ۽ سيد زادا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اولاد هجڻ ڪري پاڪ آهن، تنهنڪري انهن کي مال جي مير نٿي ڏئي سگهجي.[1] ◈ الله پاڪ سيده فاطمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي اولاد تي جهنم حرام ڪري ڇڏيو آهي قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان انهن جي شفاعت ڪئي ويندي. [2] هي پاڪ ماڻهو زمين وارن لاءِ امان آهن،[3] جيستائين دنيا ۾ سيد زادا موجود آهن، قيامت نہ ايندي، ڇو تہ قيامت بدترين ماڻهن تي ايندي ۽ ساداتِ ڪرام پاڪ ترين ماڻهو آهن.[4] ◈ علامہ محمود آلوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام پياري ڳالھ لکي آهي تہ اسان عام ماڻهو (جيڪي سيد ناهيون) جيڪو بہ نيڪ ڪم ڪريون تہ ضروري ناهي تہ قبول ٿئي، رد بہ ٿي سگهي ٿو، پر هي اهلِ بيتِ اطهار جو شان آهي، هي سيد سڳورن جي خاصيت آهي جو اهي جيڪو بہ نيڪ

[1]...مسلم، کتاب الزکاة، باب ترک استعمال آل النبی علی الصدقة، صفحہ:387، حدیث:1072 ملتقطًا۔

[2]...معجم کبیر، جلد:6، صفحہ:242، حدیث:13374۔

[3]...فضائل الصحابہ لامام احمد بن حنبل، فضائل علی، صفحہ:671، حدیث:1145۔

[4]...شرف المؤبد، فصل فی قولہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِہ وَسَلَّم (اہل بیتی امان لامتی) ، صفحہ:54 خلاصةً۔

ڪم ڪن ◈ نمازون پڙهن ◈ روزا رکن ◈ صدقو خيرات ڪن سندن اهي نيڪ عملَ رد ناهن ٿيندا، بارگاھ رب العزت ۾ قبول ٿي قبول آهن.[1]

سبحان الله! ڪهڙو نہ شان آهي! ڇا اهي نعمتون ڪنهن ٻئي کي بہ حاصل آهن...؟ ڇا هي خصوصيتون ڪنهن ٻئي کي بہ ڏنيون ويون آهن...؟ ناهن ڏنيون ويون...! سيد زادن کي، اهلِ بيت کي هي خصوصيتون ڪيئن حاصل ٿيون؟ ڇا انهن جي نمازن جي ڪري؟ ڇا انهن جي روزن جي ڪري؟ ڇا انهن جي عبادتن جي ڪري؟ نہ...!! نہ...!! هي فيضان صرف ۽ صرف نسبتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو آهي. اهلِ بيت کي هي خصوصيتون ۽ انعام ان ڪري مليا جو صرف اهي پاڪ ماڻهو رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا قرابت دار آهن. تڏهن تہ اسان چئون ٿا:

آپ کی نسبت اے نانائے حُسَین | ہے بڑی دولت اے نانائے حُسَین[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) ساداتِ ڪرام سان محبت جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان آيتِ ڪريمہ ٻڌي تہ الله پاڪ فرمايو:

اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبٰى ؕ وَمَنْ يَّقْتَرِفْ حَسَنَةً نَّزِدْ لَهٗ فِيْهَا حُسْنًا ؕ

---

[1]...روح المعانی، پارہ:22، سورۂ احزاب، زیر آیت:33، جلد:11، صفحہ:271 خلاصۃً۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:257۔

ترجمو كنزُ العرفان: سواءِ قرابت جي محبت جي ۽ جيڪو نيڪ ڪم ڪري اسان ان جي لاءِ ان ۾ ويتر خوبي وڌائيندا سين. (سيپارو: 25، الشوريٰ 23)

سبحان الله! هي به نسبتِ محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فيضان آهي. اهلِ بيتِ پاڪ جي محبت ضروري آهي، ساداتِ ڪرام جو ادب ۽ احترام اسان تي فرض آهي، ۽ ڇو فرض آهي؟ صرف ان ڪري جو اهي اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آل اولاد آهن.

## ڇا پٽ ڪي اهو شرف به ڏياريو آهي؟

علامه يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: عراق ۾ هڪ امير ماڻهو سادات جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو. سندس محفل ۾ ڪو سيد صاحب تشريف ڪٽي ايندو هو ته کيس سڀ کان مٿانهين جاءِ تي ويهاريندو هو، تمام گهڻو ادب ڪندو هو. هڪ دفعو محفل ۾ هڪ تمام گهڻو پڙهيل لکيل ماڻهو وينو هو ته هڪ سيد صاحب به تشريف ڪٽي آيو. جڏهن سيد صاحب کي مٿي ويهاريو ويو ته ان پڙهيل لکيل کي اها ڳالهه بري لڳي (ان جو خيال هو ته علم وارن کي وڌيڪ عزت ملڻ گهرجي) ۽ هن زبان سان ان جو اظهار ڪيو. امير ان وقت ته خاموش رهيو، پر ٿوري دير کان پوءِ کائنس پڇيائين: حضرت! اوهان جو پٽ آهي؟ چيائين: ها. پڇيائين: ڇا هو پڙهندو آهي؟ چيائين: جي ها! فلان فلان ڪتاب پڙهي رهيو آهي. امير شخص طعنو هڻندي چيو: توهان پنهنجي پٽ لاءِ اهڙو بندوبست ڇو نه ڪيو جو هو حضور صَلَّي اللّٰهُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اولاد مان ٿي وڃي ها؟ پڙهيل لکيل شخص ڪاوڙجي چيو: اهو شرف ته الله جي عنايت سان ئي ملي سگهي ٿو، ڪتابن سان ٿورئي نصيب ٿيندو آهي! تڏهن امير کيس دڙڪو

ڏيندي چيو: اي گهٽ عقل! جڏهن توکي اها خبر آهي تہ پوءِ سيد صاحب جي مٿانهين جاءِ تي ويهڻ تي اعتراض ڇو ڪيو؟ بيشڪ اولادِ رسول هجڻ اهو شرف آهي جيڪو ڪتابن پڙهڻ يا عبادتون ڪرڻ سان ناهي ملندو.[1]

نُور کی کرنیں ہیں ضوفشاں ہر فرد میں
نُور کے سانچے میں خالق نے ہیں ڈھالے اَہْلِ بیت
بچّہ بچّہ نُور کا ہے بالیقیں سادات کا
نُور کے صدقے میں سارے نُور والے اَہْلِ بیت

الله پاڪ اسان کي ساداتِ ڪرام جو ادب ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## ان وقت تائين مؤمن نٿو ٿي سگهي

سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: لَايُؤْمِنُ عَبْدٌ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ نَفْسِهٖ ڪو بہ ٻانهو ان وقت تائين مؤمن نٿو ٿي سگهي جيستائين مان ان کي پنهنجي جان کان وڌيڪ پيارو نہ ٿي وڃان، وَتَكُوْنَ عِتْرَتِيْ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ عِتْرَتِهٖ ۽ منهنجو اولاد ان کي پنهنجي اولاد کان پيارو نہ هجي، وَذَاتِيْ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ ذَاتِهٖ ۽ منهنجي ذات ان کي پنهنجي ذات کان

---

[1]...شرف المؤبد، فصل فی جملة آثار و قصص فی اکرام السلف...الخ، صفحہ:105۔

وڏيڪ محبوب نہ هجي، وَيَكُوْنُ اَهْلِىْ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ اَهْلِهٖ ۽ منهنجا اهلِ بيت ان کي پنهنجي گهر وارن کان وڌيڪ پيارا ۽ محبوب نہ هجن.[1]

## محبتِ الٰهيءَ جي نشاني

هڪ روايت ۾ آهي: جيڪو الله سان محبت رکي ٿو، اهو قرآن سان محبت رکي ٿو، جيڪو قرآن سان محبت رکي ٿو، اهو مون سان محبت رکي ٿو، ۽ جيڪو مون سان محبت رکي ٿو، اهو منهنجي اصحابن ۽ قرابت دارن سان محبت رکي ٿو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: صحابہءِ ڪرام ۽ اهلِ بيتِ پاڪ سان محبت رکڻ عشقِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جو نتيجو آهي، مؤمن ٻانهي جي سڃاڻپ اها آهي تہ هو الله پاڪ سان محبت ڪري ٿو، الله پاڪ سان محبت ڪرڻ واري جي سڃاڻپ اها آهي تہ هو قرآنِ ڪريم سان محبت ڪري ٿو، ۽ قرآنِ ڪريم سان محبت ڪرڻ واري جي سڃاڻپ اها آهي تہ سندس دل ۾ محبوبِ خدا، احمدِ مجتبیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي محبت هوندي آهي، ۽ جنهن دل ۾ محبتِ رسول موجود هجي، ان جي سڃاڻپ اها آهي تہ ڪيس صحابہءِ ڪرام سان بہ محبت هوندي آهي ۽ هو اهلِ بيتِ پاڪ سان بہ محبت ڪندو آهي. انهن تمام ناتن کي پاڻ ۾ ملائڻ جو نتيجو اهو نڪتو تہ صحابہءِ ڪرام ۽ اهلِ بيتِ پاڪ جي محبت مسلمان هجڻ جي نشاني آهي.

---

[1]...شعب الايمان، باب فى حب النبى صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم ، فصل فى براة ...الخ، جلد:2، صفحہ:189، حديث:1505۔

[2]...صواعق المحرقة، الباب الحادى عشر، المقصد الثانى فيما تضمنه تلك الآية...الخ، صفحہ:214۔

اَہْلِ سُنّت کا ہے بیڑا پار اَصحابِ حُضُور
نجم ہیں اور ناؤ ہے عِترت رسولُ اللہ کی(1)

وضاحت: يعني اسان عاشقن جو ٻيڙو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا، قبر، حشر ۽ پل صراط هر جاءِ پار ٿي آهي، ڇو ته لله پاڪ جي فضل سان اسان هدايت جي تارن يعني صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهم سان به محبت ڪندا آهيون ۽ فتنن جي طوفانن کان بچائيندڙ ٻيڙي يعني اولادِ مصطفيٰ سان به محبت ڪندا آهيون.

## سرڪار جو قرب ماڻيندڙ خوش نصيب

حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي ته سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو منهنجي صحابه سان، منهنجي ازواجِ پاڪ (يعني مؤمنن جي مائرن) سان ۽ منهنجي اهلِ بيت سان عقيدت رکي ٿو، انهن مان ڪنهن جي به برائي نٿو ڪري ۽ انهن جي محبت تي ئي فوت ٿئي ٿو، اهو قيامت جي ڏينهن مون سان گڏ هوندو. [2]

## عاشقانِ اهلِ بيت جي جنت ۾ داخلا جو منظر

امامِ عالي مقام، امام حُسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي: هڪ ڏينهن حضرت موليٰ علي شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ مالڪِ جنت، قاسمِ نعمت صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خدمت ۾ حاضر ٿيا، پاڻ فرمايائون: اي علي! اهي 4 ماڻهو جيڪي سڀ کان

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:153۔
[2]...رياض النضرة، الباب الاول، ذكر ما جاء فى الحث على حبهم والاحسان...الخ، جز:1، صفحہ:21۔

پهريان جنت ۾ ويندا، انهن ۾ هڪ مان، هڪ تون، ۽ ٻه تنهنجا پٽ حسن و حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهما آهن. اسان جو اولاد اسان جي پويان ۽ انهن جي پويان اسان جون گهر واريون هونديون. حضرت عليُ المرتضيٰ، شيرِ خُدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه عرض ڪيو: يَارسولَ اللّٰه! اسان جو گروهه (يعني اسان سان محبت ڪندڙ) ڪٿي هوندو؟ فرمايائون: توهان جو گروهه توهان جي پويان پويان جنت ۾ ويندو. 1

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏو نه عظيم شان آهي...!! ٿورو تصور ته ڪريو! اهو ڪهڙو نه حسين ۽ دلڪش منظر هوندو، جڏهن اسان جا جان ڪان به پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم، حضرت مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه ۽ حسنينِ ڪريمين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا گڏجي جنت ۾ داخل ٿي رهيا هوندا، سندن پويان پويان ساداتِ ڪرام هوندا ۽ جيڪڏهن اللّٰه پاڪ چاهيو ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اسين صحابه ۽ اهلِ بيت جا عاشق به انهن جي پنيان پنيان جنت ۾ پهچي ويندا سين.

باغِ جنّت میں مُحَمَّد مسکراتے جائیں گے
پُھول رحمت کے جھڑیں گے، ہم اُٹھاتے جائیں گے

## محبتِ اهلِ بيت جا مختلف انداز

پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰه پاڪ اسان کي اهلِ بيت جي ڪامل محبت نصيب فرمائي. اسان جا اسلاف، بزرگانِ دين، اللّٰه پاڪ جا نيڪ ٻانها اهڙي ڪمال انداز ۾ سيد سڳورن جو ادب ڪندا هئا جو واهه....!! سبحان الله!

[1]...تاريخ ابن عساكر، رقم:1566، حسين بن علی ابی طالب رَضِیَ اللہُ عنہما ، جلد:14، صفحہ:169۔

◈ شيخ ابراهيم رامپوري رَحمةُ اللهِ عَلَيْه هڪ بزرگ ٿي گذريا آهن، پاڻ جڏهن سيدپور ڪرنال ۾ تشريف ڪٺي آيا، اتي ئي رهائش اختيار فرمائي، اتي اچڻ کان بعد پاڻ ڪڏهن بہ کٽ تي نہ سمهندا هئا، ماڻهن ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: هن علائقي جا ڪجهہ ساداتِ ڪرام اهڙا آهن جن کي کٽون ميسر ناهن، هو زمين تي سمهندا آهن، جڏهن سادات پنهنجن گهرن ۾ زمين تي آرام فرما آهن تہ مان کٽ تي ڪيئن سمهان، هي بي ادبي آهي.

❁ پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه جمون جي باغ ۾ وڻ هيٺان عبادت ڪندا هئا، اتي ڪڏهن ڪڏهن ننڍڙا سيد سڳورا اچي وڻن کي پٿر هڻي ميوو لاهي کائيندا هئا، ڪڏهن پٿر شيخ ابراهيم رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بہ لڳندو هو پر پاڻ ان کي سعادت سمجهي صبر ڪندا هئا. جڏهن برداشت کان ٻاهر ٿيو تہ سادات کي تہ ڪجهہ نہ چيائون، وڻن کي فرمايائون: اي وڻو...! مونکي سادات جو ادب ملحوظ آهي، مان انهن کي ڪجهہ نٿو چئي سگهان، توهان آئنده ميوو نہ ڏيندا ڪيو! ان ڏينهن کان وڻن تي ميوو اچڻ بند ٿي ويو.[1]

◈ شيخ امان پاني پتي رَحمةُ اللهِ عَلَيْه بہ هڪ نيڪ بزرگ ٿي گذريا آهن، پاڻ فرمائن ٿا: منهنجي ويجهو درويشي ٻن شين جو نالو آهي: (1) حسنِ اخلاق (2) محبتِ اهلِ بيت. يعني جنهن خوش نصيب کي اهي بہ نعمتون ملي وينديون آهن، اهو بلند مقام حاصل ڪري وٺندو آهي. اخبارُ الاخبار ۾ شيخ عبدُ الحق محدث دهلوي رَحمةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: شيخ امان پاني پتي رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جي عادت مبارڪ هوندي هئي، جڏهن پاڻ پڙهائي رهيا هوندا هئا، ان دوران جيئن ئي ڪو سيد سڳورو گهٽيءَ ۾ راند ڪندي نظر ايندو هو تہ پاڻ

[1]... اقتباس الانوار، صفحه:744 و745 خلاصةً۔

ڪتاب بند ڪري ادب ۾ ويهي رهندا هئا جيستائين سيد سڳورو موجود رهندو هو، پاڻ اهڙيءَ طرح ئي ويٺل رهندا هئا. [1]

◈ سيدي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحمةُ اللهِ عَلَيْه به سيد سڳورن جو بي حد ادب فرمائيندا هئا. هڪ دفعو هڪ غريب سيد صاحب جيڪي ظاهري طور تي مالي لحاظ کان غريب هئا، اعليٰ حضرت رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جي در تي تشريف کڻي آيا ۽ اچي صدا هنئي ته ڏياريو سيد کي...!!

سيدي اعليٰ حضرت رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جيئن ئي اهو آواز ٻڌو ، فوري طور پئسن جو ڊٻو (Box) کڻي ڪري آيا، جنهن ۾ نوٽ به هئا، سڪا به هئا، کڻي ڪري سڀ سيد صاحب جي سامهون حاضر ڪري ڇڏيائون ۽ ادب ۾ اٿي بيهي رهيا. اهي سيد صاحب ٿوري دير رقم کي ڏسندا رهيا، پوءِ انهن مان صرف هڪ چوني (25 پئسن جو سِڪو) کنيو. اعليٰ حضرت رَحمةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪيو: سائين! هي سڀ حاضر آهن. سيد صاحب فرمايو: مونکي ايترو ئي ڪافي آهي. اهو چئي ڪري سيد صاحب تشريف کڻي ويا، اعليٰ حضرت رَحمةُ اللهِ عَلَيْه به گڏو گڏ هلڻ لڳا، گهڻيءَ تائين رخصت ڪرڻ ويا ۽ گهر وارن کي تاڪيد ڪيائون ته سيد صاحب کي ڪڏهن به صدا نه لڳائڻي پوي، جنهن وقت سيد صاحب تي نظر پوي، فوري طور نذرانو پيش ڪيو وڃي. [2]

## ساداتِ ڪرام جا ڪجھ آداب

الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن ۾ هڪ نالو حضرت علي خواص رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جو به آهي، پاڻ تمام وڏا ڪامل ولي هئا، ساداتِ ڪرام جي ادب تي تمام گهڻو

[1]... اخبار الاخيار،شيخ امان پانی پتی رَحمةُ اللهِ عَلَيْه، صفحه:241 ملتقطًا۔

[2]...حياتِ اعلیٰ حضرت، جلد:1، صفحه:233 خلاصةً۔

زور ڏيندا هئا، پاڻ فرمائن ٿا: ساداتِ ڪرام جي حقن مان هڪ حق هي به آهي ته اسين مٿن پنهنجيون جانيون قربان ڪري ڇڏيون، ڇو ته اهي حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي جگر جا ٽڪرا آهن. ◈ ساداتِ ڪرام جي ادبن مان آهي ته انهن جي سامهون پاڻ کي نه ڏسجي (يعني انهن جي آڏو انتهائي عاجزي سان پيش اچجي ۽ پنهنجون ضرورتون انهن تان قربان ڪجن) ◈ پاڻ کي انهن تي ترجيح نه ڏجي ◈ سيد صاحب چاهي بي علم به هجي، تڏهن به سندس ادب بجا آڻجي ◈ حضرت علي خواص رَحمةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: پنهنجي خواهشن تي ساداتِ ڪرام جي رضا کي مقدم (يعني پهريان) رکو ۽ سندن مڪمل تعظيم ڪريو، ۽ جڏهن اهي زمين تي وينل هجن ته توهان کٽ تي هرگز نه ويهو.[1]

## سيد نالي جي خيرات

خواجه غلام فريد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن. هڪ ڀيري ڪنهن لندن مان هڪ گھڙي آڻي ڪين پيش ڪئي، جيڪا تمام قيمتي هئي. ان گھڙيءَ ۾ ڪيترائي آلات (اوزار) لڳل هئا، جن جي ذريعي موسم جي صورتحال، طوفان ۽ زلزلي جي معلومات ۽ قبلي جي سمت (طرف) وغيره سڀ ڪجهه معلوم ڪري سگھبو هو. ان وقت جي لحاظ کان ان گھڙي جي قيمت تقريبن 25 کان 30 هزار رپيا هئي.

هڪ ڀيري هڪ سيد صاحب فرمايو: هيءَ گھڙي مون کي ڏئي ڇڏيو! خواجه غلام فريد رَحمةُ اللهِ عَلَيْه يڪدم اها گھڙي ڪين پيش ڪري ڇڏي. ڪنهن مريد عرض ڪيو: حضور! هيءَ تمام قيمتي ۽ ناياب گھڙي هئي، اهڙي

[1]... تنوير الازہار ترجمہ نور الابصار، جلد:1، صفحہ:363 و364 خلاصةً۔

گهڙي ٻيهر ملي نہ سگهندي. اوهان سيد صاحب کي ڪجهہ رقم ڏئي ڇڏيو ها، پر گهڙي نہ ڏيو ها! ۽ وري اها ڪهڙي خبر تہ هو واقعي سيد هئا بہ يا نہ؟ خواجہ غلام فريد رَحمةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مون سيد نالي (يعني لفظِ سيد) جو ادب ڪندي هي نذرانو پيش ڪيو آهي، سيد جي ذات جو نذرانو پيش ڪرڻ جي سگهہ مون ۾ ڪٿي آهي...؟ [1]

سُبْحٰنَ الله! هي آهن ساداتِ ڪرام جا آداب...!! الله پاڪ اسان کي اهلِ بيتِ پاڪ سان ۽ آلِ مصطفيٰ سان سچي ۽ پڪي محبت ڪرڻ ۽ انهن جو ادب و احترام بجا آڻڻ نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## سچو عاشقِ اهلِ بيت ڪير؟

آخر ۾ هڪ اهم وضاحت ٻڌي وٺو! اسان کي اهلِ بيت سان محبت ڪرڻي آهي پر سچي محبت ڇا آهي؟ هي بہ سمجهي وٺندا! روايت ۾ آهي: هڪ ڏينهن حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ خطبو ڏئي رهيا هئا تہ امامِ عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تشريف کڻي آيا، امير معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ يڪدم خطبو مڪمل ڪري منبر تان لهي آيا، هاڻي امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ منبر تي تشريف کڻي آيا، پاڻ الله پاڪ جي حمد ۽ ثنا ڪئي، پوءِ فرمايائون: مونکي منهنجي نانا سائين جن ٻڌايو تہ الله پاڪ فرمائي ٿو: عرش جي ٿنڀي جي هيٺان سائي رنگ جي هڪ تختي آهي، ان تي لکيل آهي: اي آلِ محمد جا گروهہ! توهان مان جيڪو بہ قيامت جي ڏينهن لَآاِلٰهَ اِلَّا الله جي گواهي ڏيندو ايندو، الله پاڪ ان کي جنّت ۾ داخل فرمائي ڇڏيندو.

---

[1]...انوارِ قمريہ، صفحہ: 290۔

هي ٻڌي ڪري حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ پڇيو: اي ابو عبدُ الله (يعني امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ)! آلِ محمد جو گروهه ڪير آهي؟ امام حسين فرمايو: اهو جيڪو شيخين يعني ابوبڪر و عمر کي، عثمانِ غني کي، منهنجي پيءُ علي کي ۽ اي معاويہ! توهان کي برو ڀلو نہ چوندو هجي، اهو ئي آلِ محمد جو گروهه آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: جيڪو صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہم جو بہ ادب ڪندو هجي، نبي جي 4 يارن جو بہ ادب ڪندو هجي ۽ خالُ المؤمنين (يعني سڀني مسلمانن جو مامو جان) حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي خلاف بہ زبان نہ کوليندو هجي، اهو ئي سچو عاشقِ اهلِ بيت آهي.

الله پاڪ اسان کي صحابہءِ ڪرام ۽ اهلِ بيتِ پاڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہم جو باادب، سچو عاشق بڻائي رکي ۽ انهن جي دشمني ۽ گستاخي کان هميشہ محفوظ فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

محفوظ سَدا رکھنا شَہَا! بےادبوں سے | اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بےادبی ہو(2)

بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪجي ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو يا عوام ۾ لڌي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

---

[1]…تاريخ ابن عساکر، رقم:1566، حسين بن علی بن ابی طالب رَضِیَ اللہُ عنہما، جلد:14، صفحہ:114۔

[2]…وسائلِ بخشش، صفحہ:315۔

مسئلو: قبر جي بي ادبي ۽ پامالي ناجائز ۽ گناهه آهي.

وضاحت: محرم الحرام ۾ 10 تاريخ تي ماڻهو عام طور تي قبرستان ويندا آهن، جيڪا سني ڳالهه آهي، وڃڻ گهرجي، عبرت ۽ نصيحت جي لاءِ قبرستان وڃڻ سنت مان ثابت آهي. البت ان ۾ قبرستان جي آدابن جو خيال رکڻ نهايت ئي ضروري آهي، ◈ قبر تي پير رکڻ يا ان تي ويهڻ ناجائز ۽ گناهه آهي، [1] ان سان ميت کي تڪليف ٿيندي آهي. حديث ۾ آهي: ڪنهن جو چڻنگ تي ويهڻ قبر تي ويهڻ کان بهتر آهي. [2] هڪ روايت ۾ فرمايائون: ميت کي قبر ۾ ان ڳالهه کان تڪليف ٿيندي آهي، جنهن سان گهر ۾ تڪليف پهچندي هئي. [3] مثال طور ڪنهن تي پير رکون ته ان کي تڪليف ٿيندي، ائين ئي قبر تي پير رکون ته ان سان به ميت کي تڪليف ٿيندي. تنهنڪري قبرستان وڃو ته ان ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي ◈ ڪڏهن ڪڏهن قبرستان ۾ نئون رستو ڪڍيو ويندو آهي، علماءِ ڪرام رَحمةُ اللهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا: قبرستان ۾ جيڪو نئون رستو ڪڍيو ويو هجي ان تي هلڻ حرام آهي. [4] ◈ جيڪڏهن قبرستان جي اندر وڃڻ جو رستو نه هجي ۽ قبر تائين وڃڻ جي لاءِ قبرن تان لنگهڻو پوي ته اتي وڃڻ منع آهي، حڪم آهي ته ٻاهران ئي بيهي ڪري فاتحه پڙهي. [5] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]… فتاویٰ رضويه، جلد:9، صفحه:436 خلاصةً.
[2]…مسلم، كتاب الجنائز، باب النهي عن الجلوس على القبر والصلاة اليه، صفحه: 347، حديث: 971.
[3]…مسند الفردوس، جلد:1، صفحه:199،حديث:754.
[4]… فتاویٰ رضويه،، جلد:9، صفحه:443 بتغير قليل.
[5]…بهارِ شريعت، حصه:4، صفحه:848 خلاصةً.

## اسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَا بَاقِيُ (اي هميشہ رهڻ وارا!)

جيڪو روزانو سج ايرڻ کان اڳ 100 ڀيرا يَا بَاقِيُ پڙهندو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڏکن کان محفوظ رهندو.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...مدنی پنج سوره، صفحہ:259۔